SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 2009
# SINDH ACT NO.IX OF 2009

# سرڪاري زمين جي (حقن جي رڪارڊ ۾) ڪوڙين داخلائن کي رد ڪرڻ جو ايڪٽ، 2009
# THE CANCELLATION OF BOGUS ENTRIES (IN THE RECORD_OF_RIGHTS) OF GOVERNMENT LAND ACT, 2009

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ڪوڙيون داخلائون رد ڪرڻ جو اختيار
Power to cancel the Bogus Entries

4. اپيل
Appeal

5. اثرانداز ٿيڻ وارو عمل
Overriding Effect

6. ضمانت
Indemnity

# سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 2009
# SINDH ACT NO.IX OF 2009
## سرڪاري زمين جي (حقن جي رڪارڊ ۾) ڪوڙين داخلائن کي رد ڪرڻ جو ايڪٽ، 2009
## THE CANCELLATION OF BOGUS ENTRIES (IN THE RECORD_OF_ RIGHTS) OF GOVERNMENT LAND ACT, 2009

[10 نومبر 2009]

ايڪٽ جنهن ذريعي قانون جي پيچڪڙي ڪندي ڪوڙن ڪاغذن جي بنياد تي سرڪاري زمين سان لاڳاپيل حقن جي رڪارڊ ۾ ڪيل ڪوڙين داخلائن کي رد ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ قانون جي پيچڪڙي ڪندي ڪوڙن ڪاغذن جي بنياد تي سرڪاري زمين سان لاڳاپيل حقن جي رڪارڊ ۾ ڪيل ڪوڙين داخلائن کي رد ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (i) هن ايڪٽ کي سرڪاري زمين جي (حقن جي رڪارڊ ۾) ڪوڙين داخلائن کي رد ڪرڻ جو ايڪٽ، 2009 سڏيو ويندو.

(ii) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جنوري 1985 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو.

(iii) ان جي سموري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي

ويندي.

**وصفون — Definitions**

2. (a) "ايڪٽ" مطلب سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 (1967 جو ايڪٽ نمبر XVII)؛

(b) "ڪوڙي داخلا" مطلب ڪوڙن ڪاغذن جي بنياد تي حقن جي رڪارڊ ۾ ڪيل داخلا؛

(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(d)"حقن جو رڪارڊ" مطلب ۽ ان کي اها معنيٰ حاصل هوندي جيڪا سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 جي دفعه 39 ۾ ڏنل آهي.

**ڪوڙيون داخلائون رد ڪرڻ جو اختيار — Power to cancel the Bogus Entries**

3. جيستائين ڪجهه وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون يا ڪنهن معاهدي يا فيصلي يا عدالت جي حڪم جي متضاد نه هجي، پر هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب هجي، روينيو ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ جو سيڪريٽري، جيڪو سنڌ جي وڏي وزير طرفان ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايو ويو هجي، جيڪڏهن مطمئن آهي ته حقن جي رڪارڊ ۾ پهرين جنوري 1985 تي يا ان کانپوءِ ڪيل داخلا ڪوڙي آهي ته نوٽيس ڪانسواءِ اهڙي داخلا رد ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي رد ٿيڻ تي زمين سرڪار ڏانهن واپس ٿي ويندي.

**اپيل — Appeal**

4.(1) دفعه 3 تحت جاري ڪيل حڪم سان متاثر ٿيل ڪو شخص اهڙي حڪم واري تاريخ کان پندرنهن ڏينهن اندر حڪومت کي اپيل ڪري سگهي ٿو ۽ حڪومت جو حڪم حتمي هوندو.

(2)حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

**اثرانداز ٿيڻ وارو عمل**

5. هن ايڪٽ جي گنجائشن کي اثرانداز ٿيڻ وارو عمل

| | |
|---|---|
| Overriding Effect | هوندو جيستائين ڪجهه وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون جي متضاد نہ هجي. |
| ضمانت Indemnity | 6.هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪو بہ مقدمو، ڪيس يا ٻي قانوني ڪارروائي ڪنهن شخص خلاف نہ ٿيندي. |
| | **نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |